# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2009
# SINDH ACT NO.III OF 2009
# سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 2009
# THE SINDH FINANCE (AMENMDNET) ACT, 2009
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2007 جي دفعه I جي ترميم

Amendment of section 1 of the Sindh Act No.II of 2007

3. سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2007 جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of the Sindh Act No. II of 2007

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2009
# SINDH ACT NO.III OF 2009
# سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 2009
# THE SINDH FINANCE (AMENMDNET) ACT, 2009

[23 فيبروري 2009]

ايڪٽ، جنهن جي توسط سان سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 2007 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 2007 جي گذريل عرصي کان نافذ ٿيڻ جي حيثيت ڏيڻ لاءِ ان ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جيڪا هن ريت هوندي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ فنانس (ترميم) ايڪٽ، 2009 چيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي عائد ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2007 جي دفعه I جي ترميم
Amendment of section 1 of the Sindh Act No.II of 2007

2. سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 2007 (سنڌ ايڪٽ نمبرII مجريه 2007)، جنهن کي هن کانپوءِ به ايڪٽ ئي چيو ويندو، دفعه 1 جي ذيلي دفعه (2) کي هيٺين ريت متبادل سمجهيو ويندو.

"(2) هن کي پهرين جولائي، 1994 کان موثر سمجهيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 2007 جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of the Sindh Act No. II of 2007

3. جنهن کي هن کانپوءِ بہ ايڪٽ چيو ويندو، هن جي دفعہ 2 ۾ ذيلي دفعہ (1) جو هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(2) سيس جي مد ۾ ملندڙ رقم کي ٻڌايل طريقيڪار جي مطابق انفرا اسٽرڪچر ۾ ٻين ذيلي سرگرمين ۾ استعمال ڪيو ويندو.

(3) ڪنهن غلط، غلطي، يا غلط ترتيب جي وجہ کان سيس جي ادائيگي يا اضافي ادائيگي جي واپسي ادائيگي جي دعويٰ کي تسليم نہ ڪيو ويندو جيستائين اهو دعويٰ هن سيس جي ادائيگي جي تاريخ جي ٽن مهينن جي اندر ادا نہ ڪئي ويجي هجي.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**